
شيخ طريقت امير اهل سنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامہ مولانا
محمد الياس عطار قادري رضوي جي ملفوظات جو تحريري گلدستو



## امير اهل سنت کان

# تلاوتِ قرآن

## جي باري ۾ سوال جواب

سنڌي

- ڇا عمر کان پوءِ قرآنِ پاڪ پڙهي سگهون ٿا؟
- روزانو ڪيترو قرآنِ پاڪ پڙهڻ گهرجي؟
- قبرستان ۾ بلند آواز سان قرآن پڙهڻ ڪيئن؟
- قرآن ڪريم غلط پڙهڻ جا ڪجھ مثال

پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفکر بيروت)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **اميرِ اهلسنت کان تلاوت قرآن جي باري ۾ سوال جواب**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# اميرِ اهلسنّت کان تلاوت قرآن جي باري ۾ سوال جواب

**ترجمو**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**
**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

(هي رسالو امير اهلسنّت کان ڪيل سوالن ۽ انهن جي جوابن تي مشتمل آهي)

# امير اهلسنّت کان تلاوت قرآن جي باري ۾ سوال جواب

**دعاءِ جانشينِ امير اهل سنت:** ياالله پاڪ! جيڪو مڪمل رسالو ”اميرِ اهلسنّت کان تلاوت قرآن جي باري ۾ سوال جواب“ پڙهي يا ٻڌي ان کي قرآن ڪريم جي تلاوت ڪرڻ ان تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ ۽ ان جي بنا حساب مغفرت فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## فرمان مولا مشڪل ڪشا رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: قيامت جي ڏينهن ماڻهن مان منهنجي قريب ترين اهو هوندو جنهن دنيا ۾ مون تي وڌيڪ درود پڙهيا هوندا.[1]

**سوال:** ڇا قرآن کي بغير سمجهڻ جي يعني ترجمي جي بغير پڙهڻ سان ثواب ملندو آهي ڇوته اسان کي خبر ئي ناهي اسان ڇا پڙهي رهيا آهيون؟

[1] ترمذی 2/27 حديث 484

**جواب:** قرآنِ پاڪ کي بنا سمجهڻ جي يعني ترجمي کان بغير پڙهڻ سان بلڪل ثواب ملندو. تنهنڪري غلط پروپيگنڊا ڪري مسلمانن کي قرآنِ ڪريم کان پري نہ ڪيو وڃي **تہ جڏهن سمجھ ۾ نٿو اچي تہ پڙهڻ جو ڪهڙو فائدو؟** نماز ۾ بہ سوره فاتحہ ۽ ٻيون جيڪي سورتون پڙهيون وينديون آهن انهن جي بہ ڪجھ سمجھ ناهي ايندي. ثناء پڙهندا آهيو تہ ان جي معنيٰ بہ معلوم ناهي هوندي، بِسۡمِ اللّٰهِ جو ترجمو پڇيو وڃي تہ ماڻهو نٿائيندا آهن تہ هاڻي ڇا نماز پڙهڻ ۽ بِسۡمِ اللّٰهِ پڙهڻ سيئي ڇڏي ڏيندا؟ يقيناً اهڙي ڳالھ ناهي لهٰذا قرآنِ ڪريم سمجھ نہ بہ اچي تڏهن بہ پڙهڻ گهرجي.[1]

**سُوال:** قرآنِ پاڪ کي ايترو تڪڙ مان پڙهڻ جو اڪر چٻاڙجن، ان حوالي سان ڇا حڪم آهي؟

**جواب:** قرآن ڪريم بلڪل اهڙي طرح پڙهڻ گهرجي جيئن مُنَزَّل مّنَ الله يعني جيئن الله پاڪ جي طرفان نازل ڪيو ويو آهي پر اڄڪلھ جلدي جي چڪر ۾ اهڙي انداز سان قرآن پاڪ پڙهيو ويندو آهي ۽ يَعلمُون تَعلمُوْنَ کانسواءِ ٻيو ڪجھ سمجھ ۾ ناهي ايندو، انهي ڪري ان کي مُنَزَّل مّنَ الله جيان پڙهڻ نہ چيو ويندو بلڪ هي قرآن ڪريم پڙهڻ ئي نہ چورائيندو چوتہ ايئن پڙهڻ سان قرآن جي معنيٰ بلڪل ئي تبديل ٿي وڃي ٿي ۽ ايئن قرآن پڙهڻ وارن تي قرآن ڪريم لعنت ڪئي آهي. تي سگهي ٿو ڪجھ ماڻهن کي منهنجي ڳالھ تڪليف ڏي ۽ تڪليف ٿيڻ بہ

[1] ملفوظاتِ اميرِ اهلِ سنّت،407/1

گهرجي تہ جيئن توبہ جي توفيق نصيب ٿئي. تڪڙ مان قرآن ڪريم پڙهڻ وارا عوام کي بيوقوف ڇو ٿا بڻائن تہ اسان قرآن ڪريم پڙهائي رهيا آهيون؟ جيڪو اوهان پڙهي رهيا هوندا آهيو ويچارا سادا ابوجهہ مسلمان ان کي قرآن پڙهڻ ۽ اوهان کي نيڪ انسان سمجهي رهيا هوندا آهن حالانڪ ڪڏهن ڪڏهن تڪڙ ۾ پڙهڻ گناهہ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو آهي. جيڪڏهن ڪو حافظ تجويد جي قاعدن سان درست قرآن شريف پڙهي تہ تراويح ۾ گهڻي دير لڳندي آهي پر اسان وٽ تہ پاڻ ۾ مقابلا ٿيندا آهن. ڪو چوندو آهي تہ اسان وٽ تہ 35 منٽن ۾ تراويح ختم ٿي ويندي آهي، ڪو چوندو آهي تہ اسان جو قاري صاحب تہ ”خيبر ميل“ (ٽرين) جيان تيزي پڙهي رهيو هوندو آهي ۽ 25 منٽن ۾ تراويح ختم ڪري ڇڏي ٿو. ياد رهي! روزو ۽ قرآن بانهي جي لاءِ قيامت جي ڏينهن شفاعت ڪندا، روزو عرض ڪندو: اي ربّ ڪريم! مون کائڻ جي خواهشن سان ڏينهن ان کي روڪي رکيو منهنجي شفاعت ان جي حق ۾ قبول فرماءِ. قرآن چوندو تہ مون رات جو ان کي سمهڻ کان باز رکيو منهنجي سندس حق ۾ شفاعت قبول فرماءِ، پوءِ ٻنهي جي شفاعت قبول ٿيندي.[1] جيڪڏهن روزي ۽ قرآن جي شفاعت گهرجي تہ ان جو احترام ڪرڻو پوندو ۽ قرآن کي آهستہ ۽ صحيح انداز ۾ پڙهڻو پوندو.

عام ڳالهہ ٻولهہ ۾ بہ تڪڙ سبب اکر ڇيڙيا ويندا آهن جيئن عام طور ماڻهو سُبۡحٰنَ اللّٰہ کي سُبَان الله چئي ”ح“ کي ڇيڙي ڇڏيندا آهن. انهي طرح عام ماڻهن کي نہ تہ صحيح طريقي

---

[1] مسند امام احمد، 586/2، حديث: 6637

سان ”بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡم“ ۽ نہ ڪلمو شريف پڙهڻ اچي ٿو ۽ نہ ئي. مَا شَآءَ الله، اِنْ شَآءَالله، اَلْحَمْدُ لِلّٰه چوڻ اچي ٿو. عام طور ماڻهو اِنْ شَآءَاللّٰه ان شاالله ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰه کي اَلمدُلله چئي رهيا هوندا آهن، مثلاً ”ان شاالله مان اچان ٿو“ يا ”اَلمدُلله طبيعت صحيح آهي“ حالانڪ مان مدني مذاڪرن وغيره ۾ هي ڪلما ڪيئي ڀيرا سيکاري چڪو آهيان پر پوءِ بہ الائي ڇو صحيح ناهن چوندا ڇوتہ غلط چوڻ جي عادت پيل آهي. ايئن ڪيترائي ماڻهو قرآن کي قُران چوندا آهن.[1]

**سُوال:** ڪجھ ماڻهن جو ڳڏجي مسجد ۾ وڏي آواز سان قرآن ڪريم پڙهڻ ڪيئن آهي؟

**جواب:** ڪجھ ماڻهو ڳڏجي مسجد ۾ وڏي آواز سان قرآن پاڪ پڙهي رهيا هوندا آهن هي طريقو غلط ۽ ناجائز آهي.[2] جيڪڏهن هڪ ماڻهو انهي ڪري وڏي آواز سان قرآنِ پاڪ پڙهي رهيو آهي جو ڪجھ ماڻهو پري ويهي ٻڌي رهيا آهن ۽ ان جي آواز سان نمازي يا ٻين قرآن پڙهڻ وارن کي تڪليف ناهي ٿي رهي يعني انهن تائين ايترو آواز ناهي وڃي رهيو جنهن کي سمجهي سگهجي تہ هي طريقو صحيح آهي. ڪجھ ماڻهو مسجد جي پهرين صف ۾ لائن ۾ ويهي وڏي آواز سان تلاوت ڪري رهيا هوندا آهن خاص ڪري رمضان ۾ ايئن ٿيندو آهي تہ ايئن ڪرڻ جائز ناهي. انهيءَ طرح اسان وٽ ٿيجهي ۽ چاليهي يا هونئن

[1] ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنّت ، 355/2
[2] بہارِشریعت،552/1، حصہ:3 ماخوذاً

ماڻهو رمضان ۾ ختمِ قرآن ڪرائيندا آهن جيڪو تمام سنو ڪم آهي پر ان ۾ سيئي ڳڏجي وڏي آواز سان پڙهي رهيا هوندا آهن هي صحيح ناهي، انهن کي گهرجي ته ايتري آواز سان پڙهن جو پاڻ ٻڌي سگهن بين تائين آواز نہ وڃي البتہ جيڪڏهن ڪو هڪ پڙهي ٿو ۽ سيئي توجه سان ٻڌن، تہ هي صحيح آهي.

ڪي ماڻهو بين کي ٻڌائي رهيا هوندا آهن تہ مون اعتڪاف ۾ ٽي قرآن ڪريم ختم ڪيا، مون پنج قرآن ڪريم ختم ڪيا پر صحيح ڳالھ هي آهي تہ انهن مان اڪثر کي صحيح طريقي سان سورت فاتحہ، سورت اخلاص بلڪ اَعُوْذُبِاللّٰه ۽ بِسۡمِ اللّٰه پڙهڻ بہ ناهي ايندي، پر اهي پنج قرآن ڪريم پڙهڻ جي دعوا ڪري رهيا هوندا آهن.

اهڙن کي گهرجي تہ اهي پلي سڄي رمضان ۾ هڪ پيرو پورو قرآن ڪريم ختم ڪن يا اَڌ يا ڏهہ سيپارا پڙهن پر صحيح مخارج سان پڙهو. جيڪڏهن قرآن پاڪ صحيح مخارج سان پڙهڻ نٿو اچي تہ سکڻ ضروري آهي. اڄڪلھ ماڻهن کي سڀ ڪجھ اچي ٿو پر قرآن پاڪ صحيح پڙهڻ نٿو اچي. خدا جو قسم! هي وڏي محرومي ۽ بدنصيبي جي ڳالھ آهي! اردو اچي ٿي. انگريزي تمام سٺي اچي ٿي ايستائين جو ڪجھ ماڻهو وڏائي طور چوندا آهن تہ اردو کان وڌيڪ انگريزي منهنجي سٺي آهي پر اهڙن کي قرآن ڪريم ڏسي ڪري بہ پڙهڻ ناهي ايندو ۽ هُو پڙهيل لکيل بہ چورائيندا آهن حالانڪ اهڙن ماڻهن کي ڏسي بہ قرآن پڙهڻ ناهي ايندو تہ پوءِ ڪيئن پڙهيل لکيل سڏائن ٿا؟

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي تحت مدرسة المدينہ براءِ بالغان جي

نالي سان هزارين مدرسا قائم آهن ۽ عام طور تي عشاء جي نماز کان بعد علائقن جي مسجدن ۾ لڳايا ويندا آهن. انهن ۾ دعائون، طهارت ۽ نماز وغيره جا احڪام سيکاريا ويندا آهن لهٰذا اوهان ان ۾ داخلا وٺو. مدرسة المدينہ براءِ بالغان ۾ بنا فيس جي پڙهايو ويندو آهي جڏهن تہ انگريزي يا ڪا بي ٻولي سکڻي هجي تہ ڪوچنگ سينٽر وڃڻو پوندو آهي، رڦو لڳائڻو پوندو آهي، پيسا ڏيڻا پوندا آهن، ان جي لاءِ ماڻهو نہ ڄاڻ ڇا ڇا ڪندا آهن جڏهن تہ قرآن پاڪ مفت ۾ پڙهايو وڃي ٿو پر پوءِ پڙهڻ جي لاءِ ناهن ايندا ۽ چوندا آهن اسان کي ياد نٿو ٿئي ۽ جيڪڏهن پڙهڻ ايندا بہ آهن تہ اهڙي انداز سان جو قاعدو پڙهيو ۽ پوءِ ان کي اُتي ئي رکي ڇڏيو ۽ ٻي ڏينهن اچي کوليو تہ ايئن ڪٿي ياد ٿيندو؟ دنياوي علوم مان تہ گهڻو ڪجهہ ياد ڪري وٺندا آهن پر قرآن پاڪ کي مخارج سان پڙهڻ کان لاچار هوندا آهن. جڏهن دنياوي علوم سکڻ جي اوهان ڪوشش ڪندا آهيو تہ قرآن پاڪ مخارج سان پڙهڻ جي لاءِ بہ ڪوشش ڪرڻي پوندي. ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو بهانو ٺاهيندا آهن تہ اسان وٽ ٽائيم ناهي پر حقيقت هيءَ آهي تہ وقت آهي پر پڙهڻ جو جذبو ناهي، اللّٰه پاڪ جذبو نصيب فرمائي.[1]

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**سوال:** ڇا عصر جي نماز کان بعد قرآن پاڪ پڙهي سگهون ٿا؟

**جواب:** جي ها! عصر جي نماز کان بعد تلاوت ڪري سگهو ٿا. البتہ سج لهڻ کان 20 منٽ پهريان، سج نڪرڻ کان 20 منٽ بعد ۽

[1] ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنّت ، 356/2

نصف النهار شرعي کان وٺي ظهر جو وقت شروع ٿيڻ تائين، هي ٿي وقت مڪروهه آهن. جيتوڻيڪ انهن ٽنهي وقتن ۾ تلاوت قرآن ڪرڻ جائز آهي پر بهتر هي آهي ته انهن ۾ بيا اذڪار يا درود شريف پڙهيو وڃي. پر جيڪڏهن ڪو انهن ٽنهي وقتن ۾ قرآن ڪريم جي تلاوت ڪري ٿو ته گنهگار نه ٿيندو.[1]

**سوال:** رمضان المبارڪ ۾ گهٽ ۾ گهٽا پيرا قرآن پاڪ ختم ڪرڻ گهرجي.؟

**جواب:** تراويح ۾ هڪ قرآن پاڪ ختم ڪرڻ سُنّت آهي.[2] ان کان علاوه جيتري توفيق ملي اوترو پڙهيو وڃي جو ثُواب جو ڪم آهي ۽ افضل آهي. اسان جا امام اعظم ابو حنيفه رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هڪ قرآن ڏينهن ۾، هڪ قرآن رات ۾ ۽ هڪ قرآن سڄي مهيني جي تراويح ۾ ختم فرمائيندا هئا. ايئن پاڻ رمضان المبارڪ ۾ 61 قرآن پاڪ ختم فرمائيندا هئا.[3]

**سوال:** اسان وٽ نماز عشاء کان بعد سورت ملڪ جي تلاوت ڪئي ويندي آهي ته قاري تلاوت مڪمل ڪرڻ کان فوراً بعد اللهُ ربُّ الْعَالَمِيْن چوندو آهي پوءِ ان کان بعد صَدَق اللهُ مولَانَا الْعظيم پڙهندو آهي ايئن ڪرڻ ڪيئن؟

**جواب:** فتاويٰ حديثيه ۾ آهي ته سورت ملڪ ختم ڪرڻ کان بعد "اللهُ ربُّ العالمين" چوڻ مستحب آهي.[4] صَدَق اللهُ مولَانَا الْعظيم چوڻ ۾

---

1 درمختار مع رد المحتار، 44/2 ماخوذاً: ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنّت، 435/1

2 فتاویٰ رضويه، 458/7 ماخوذاً

3 الخيرات الحسان ، ص50: ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنّت ، 379/2

4 فتاویٰ حديثيه ، ص376

کو حرج ناهي ڇوته هن جو مطلب آهي ”الله پاڪ سچ فرمايو.“ يقيناً الله پاڪ سچ فرمايو اسان ته ان کي سچ مڃون ٿا.[1]

**سوال:** ڪجهه قرآن جا حافظ سڄورا حِفظ جي دوران 15، 15 سيپارن جي تلاوت ڪري وٺندا آهن، پر حِفظ ڪرڻ کان بعد انهن کي اڌ سيپارو تلاوت ڪرڻ جي به توفيق نصيب ناهي ٿيندي، اهڙن جي باري ۾ اوهان ڇا ٿا فرمايو؟

**جواب:** واقعي حالت اهڙي ئي آهي ڪجهه قرآن جا حافظ حِفظ ڪرڻ کان بعد ٻيهر قرآنِ ڪريم کولي به ناهن ڏسندا ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ فضول ڪچهري ۾ گذاري ڇڏيندا آهن، پڻ سوشل ميڊيا استعمال ڪرڻ وقت انهن کي خبر ئي ناهي پوندي ته هُو اڪ ڇهنب ۾ ڪٿان ڪان ڪٿي نڪري ويا، اسلامي ڀينرن جو حال ان کان بُرو آهي. ياد رکو! حفظ ڪرڻ ته سولو آهي، پر حِفظ ياد رکڻ مشڪل آهي. پڻ هي ڳالهه به ذهن ۾ ويهاري ڇڏيو ته قرآن پاڪ عام طور سال، ٻه سال يا ٽي سال ۾ مڪمل حفظ ٿي ويندو آهي، پر ان کي سڄي عمر ياد رکڻ ۾ پڙهڻّو هوندو آهي، لهٰذا جن حافظن کان ٿي سگهي اهي روزانو قرآن ڪريم جي هڪ منزل تلاوت ڪن، انهي طرح مهيني ۾ ان جا چار قرآن پاڪ آساني سان ختم ٿي ويندا، جيڪڏهن هڪ منزل نٿا پڙهي سگهو ته گهٽ مان گهٽ روزانو هڪ سيپارو تلاوت ڪندا ڪيو ڇوته غير حافظ جي مقابلي ۾ انهن کي پڙهڻ ۾ گهٽو وقت ناهي لڳندو.

ياد رهي! هڪ سيپارو به تجويد ۽ قواعد جي رعايت سان پڙهڻ ضروري آهي جيئن مدّات وغيره، حَدَر واري انداز ۾ پڙهڻ جي صورت ۾ انهن کي 20 کان 25 منٽ لڳندا، پر حَدر جو انداز به

[1] ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنّت ، 94/2

اهڙو هجڻ گهرجي جيئن قاري صاحبان جي نزديڪ به ان کي ڇَدر ڇيو وڃي، ڇوته ڪجهه حافظ سڳورا ايترو ته تکڙ مان پڙهندا آهن جو ٻڌڻ وارن کي يَعۡلَمُوۡنَ تَعۡلَمُوۡن کان علاوه ڪجهه خبر ناهي پوندي، پڻ اهي الفاظ ۽ اکر ڇباڙي ويندا آهن ۽ مدّات وغيره جو بلڪل به خيال ناهن رکندا. جيڪي غير حافظ آهن، چاهين ته اهي به روزانو هڪ سيپارو پڙهندا ڪن ڇوته شجري شريف ۾ روزانو هڪ سيپارو پڙهڻ جي ترغيب موجود آهي، بهرحال الله پاڪ جنهن کي توفيق عطا فرمائي اهو ئي خوش نصيب تلاوتِ قرآن ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندو آهي، نه ته حَقيقت اها آهي ته ڪيئي ماڻهن جي تلاوت قرآن ۾ دل ناهي لڳندي.

**سُوال:** جيڪڏهن ڪو قرآن ڪريم جي تلاوت دوران پڙهڻ ۾ غلطي ڪري رهيو هجي ته ڇا سيني جي سامهون ان جي اصلاح ڪري سگهون ٿا؟

**جواب:** جيڪڏهن اهڙي سخت غلطي آهي جنهن جي ڪري معنىٰ تبديل ٿي رهي آهي پوءِ ته سيني جي سامهون ان جي اصلاح ڪرڻ گهرجي جڏهن ته فساد جو انديشو نه هجي.[1] جيڪڏهن تجويد جي غلطي ڪئي جيئن ”غُنّو يا اِخفا“ نه ڪيو ته ان کي پري مجلس ۾ نه ٽوڪيو وڃي، بلڪ اڪيلي ۾ حڪمت عملي ۽ نرمي سان توجهه ڏياريو وڃي.[2]

**سُوال:** هلندي ڦرندي، چپل پائي يا بي وضو قرآن پاڪ پڙهڻ ڪيئن؟

---

[1] غنية المتملی، ص 498 مفهوماً

[2] ملفوظاتِ امیرِ اہلِ سنّت ، 298/3

**جواب:** بي وضو قرآن ڪريم پڙهڻ جائز آهي پر قرآن ڪريم کي بي وضو هٿ لاهڻ جائز ناهي.[1] پڻ چپل پائي قرآن ڪريم پڙهڻ ۾ حرج ناهي.[2]

**سُوال:** روزانو قرآنِ پاڪ ڪيترو پڙهڻ گهرجي؟

**جواب:** جيڪڏهن پورو قرآن پاڪ به پڙهي ورتو ته ناجائز نه آهي. روزانو ڪيترو پڙهڻ گهرجي ان حوالي سان شجره قادريه ۾ روزانو هڪ سيپارو تلاوت ڪرڻ لکيل آهي ته جيئن هڪ مهيني ۾ هڪ پيرو قرآن ڪريم ختم ٿي وڃي. اسان جا ڪجهه شاگرد اهڙا به آهن جيڪي روزانو منزل ختم ڪن ٿا. قرآن پاڪ ۾ ست منزلون آهن ته اهي ستن ڏينهن ۾ قرآن ڪريم ختم ڪري وٺن ٿا لهٰذا جيترو پڙهي سگهو ٿا پڙهو ۽ ڪوشش ڪيو جيستائين دل لڳل آهي پڙهندا رهو، روزانو هڪ منزل پڙهي ونو ته مدينه مدينه.[3]

**سُوال:** بس ايئرفون جي ذريعي ريڪارڊنگ ٿيل قرآنِ پاڪ جي تلاوت ٻڌي رهيا هئاسين، هن ۾ سجدي واري آيت اچي وئي ته هي سجدو مٿو جهڪائڻ سان ادا ٿي ويندو.؟

**جواب:** ريڪارڊ ٿيل تلاوت ۾ سجدي واري آيت ٻڌڻ سان سجدو واجب ناهي ٿيندو ۽ مٿو جهڪائڻ جي ڪا formality ڪرڻ جي ضرورت ناهي.[4]

---

1 درمختار مع ردالمحتار،348/1
2 ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنّت ، 511/3
3 ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنّت ، 514/3
4 ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنّت ، 482/3

**سُوال:** مدني چينل تي جيڪڏهن براهِ راست سجدي واري آيت ٻڌي ته سجدو تلاوت واجب ٿيندو؟

**جواب:** مدني چينل تي يا ڪنهن ٻه چينل تي جيڪڏهن براهِ راست سجدي واري آيت ٻڌي ته سجده تلاوت واجب نه ٿيندو.[1]

**سُوال:** جيڪڏهن ڪنهن جا ڪيئي سجده تلاوت رهجي ويا هجن ته انهن کي ادا ڪرڻ جو ڇا طريقو آهي؟.

**جواب:** جيترا سجدا رهجي ويا آهن اهي ادا ڪري، ”اللهُ اڪبر“ چئي ڪري سجدو ڪري، سجدي ۾ ٽي ڀيرا ”سُبۡحٰنَ رَبِّيَ الۡاَعۡلٰى“ پڙهي. پوءِ ويهي رهي ۽ ٻيهر ”الله اڪبر“ چئي ڪري انهي طرح ڪري، ايئن جيترا سجدا آهن سيئي مڪمل ڪري.[2] سجده تلاوت جي لاءِ باوضو هجڻ، قبلي ڏانهن چهرو هجڻ ۽ جڳهه جو پاڪ هجڻ ضروري آهي.[3]

**سُوال:** جيڪڏهن تلاوت قرآن ٿي رهي هجي ته ڇا ٻانهو درود پاڪ پڙهي سگهي ٿو؟

**جواب:** جيڪي ماڻهو قرآن ٻڌڻ جي لاءِ گڏ ٿين انهن تي فرض عين آهن ته هُو ڪن لڳائي ڌيان سان قرآن ڪريم جي تلاوت ٻڌن.[4] ۽ جيڪڏهن ڪٿان تلاوت جو آواز اچي رهيو هجي ۽ هي ٻيهريان ڪان پنهنجي ڪم ڪار ۾ مصروف هجي ته ان تي ٻڌڻ فرض ناهي.[5]

---

[1] فتاوىٰ رضويه،446/23، مفهوماً - وقار الفتاوىٰ،113/2: ملفوظا ت اميرِ اهلِ سنّت ، 488/3

[2] فتاوىٰ ہنديہ، 135/1

[3] در مختار مع رد المحتار، 699/2: ملفوظاتِ اميرِ اهلِ سنّت ، 522/3

[4] فتاوىٰ رضويہ،352/23

[5] غنية المتملى، ص497: ملفوظاتِ اميرِ اهلِ سنّت ، 488/3

**سُوال:** قرآن پاڪ جي تلاوت جي دوران اَذان شروع ٿئي ته ڇا تلاوت روڪي ڇڏجي؟

**جواب:** جي ها! تلاوت روڪي ڪري اَذان جو جواب ڏيڻ گهرجي،[1] البته جنهن جنهن آيت جي تلاوت ڪري رهيا هجو ان کي پورو ڪرڻ گهرجي يا گهٽ مان گهٽ ايترو حصو پڙهي وٺڻ گهرجي جنهن سان معنائون پوريون ٿي وڃن.

اَذان کان علاوه به جڏهن تلاوت روڪڻي هجي ته آيت پوري پڙهڻ کان بعد روڪڻ گهرجي، انهي طرح نعت شريف پڙهي رهيا هجو ته اُن جو شعر به مڪمل ڪري نعت شريف روڪڻ گهرجي، مدني چينل بند ڪرڻو هجي ته ان تي تلاوت يا نعت هلي رهي آهي، ته ان ۾ به انهي ڳالهه جو لحاظ رکڻ گهرجي ته آيت يا شعر پورو ٿي وڃي تڏهن مدني چينل بند ڪيو وڃي. منهنجي تمام پراڻي عادت آهي جيئن بيان جي لاءِ ويندو هيس يا مدني مذاڪري جي لاءِ جڏهن به ايندو آهيان ۽ تلاوت هلي رهي هوندي يا ڪو مسئلو يا حڪايت بيان ٿي رهي آهي ته جيڪڏهن منهنجو ڌيان نه رهي ته درميان ۾ ئي اچي ويندو آهيان نه ته پوئتي ئي بيهي رهندو آهيان. ته جيئن تلاوت ختم ٿي وڃي ۽ مسئلو يا حڪايت پوري ٿي وڃي، نه ته ماڻهو بيهي رهندا ۽ نعرا لڳائڻ شروع ڪندا آهن، جنهن سان تلاوت وغيره درميان ۾ رڪجي ويندي يا پڙهڻ ٻڌڻ ۾ خلل ايندو.[2]

**سُوال:** قبرستان ۾ وڏي آواز سان قرآن ڪريم پڙهڻ ڪيئن؟

---

[1] فتاویٰ ہندیہ، 57/1

[2] ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنّت ، 447/3

**جواب:** تمام سنو آهي جڏهن بي کا رکاوت نہ هجي.[1]

**سُوال:** ڊيوٽي جي دوران قرآن پاڪ جي تلاوت ڪري سگھون ٿا؟

**جواب:** جيڪڏهن ڊيوٽي خانگي آهي ۽ سيٺ اجازت ڏني آهي پوءِ تہ ڪو مسئلو ناهي[2] ۽ جيڪڏهن اهڙي جاب آهي جنهن جي دوران تلاوت ڪرڻ سان اوهان جي ڪم ۾ فرق نٿو پئي تڏهن بہ جائز آهي. جيئن بنگلن تي چوڪيدار ڊيوٽي ڏيندا آهن، هي ويٺي ويٺي تلاوت ڪري رهيا هجن يا تسبيح ڪٽي درود شريف پڙهي رهيا هجن تہ ان ۾ ڪو حرج ناهي. جهڙو موقعو هوندو اهڙي اجازت ملندي.[3]

**سُوال:** جيڪڏهن سورت يٰس پڙهڻ سان 10 قرآن پاڪ ختم ڪرڻ جو ثواب ملي ٿو تہ اسان پورو قرآن پاڪ پڙهون يا صرف سورت يٰس پڙهون؟

**جواب:** سورت يٰس جي تلاوت سان 10 قرآن پاڪ جو ثواب ملندو آهي.[4] انهي طرح ٽي ڀيرا سورت اخلاص پڙهڻ سان پوري قرآن پڙهڻ جو ثواب ملندو آهي پر پوءِ بہ قرآن پاڪ جي تلاوت ڪرڻ گھرجي.[5] پڻ والدين کي رحمت جي نظر سان ڏسو تہ هڪ حج جو ثواب ملندو آهي.[6] هاڻي جيڪڏهن ڏينهن ۾ 100 ڀيرا ڏسندا تہ 100

---

[1] ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنّت ، 473/3

[2] حلال طریقے سے کمانے کے 50 مدنی پھول، ص19 مفہوماً

[3] ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنّت ، 412/3

[4] ترمذی، 4/ 406، حدیث:2896

[5] مسلم، ص315، حدیث:1886

[6] شعب الایمان، 186/6، حدیث: 7856

حج جو ثواب ملندو پر ان سان گڏوگڏ ڪعبي جو طواف بہ ڪرڻو آهي، صفا و مروه جي سعي بہ ڪرڻي آهي، پڻ ميدانِ عرفات جو وقوف بہ ڪرڻو آهي يعني مُقَدَّس مقامن تي حاضر ٿي ڪري بہ حج ڪرڻو آهي ۽ گهر ۾ والدين جي زيارت ڪري گهر ۾ بہ حج جو ثواب ڪمائڻو آهي.[1] [2]

**سُوال:** ٽوپي پائڻ بغير قرآن پڙهڻ ڪيئن؟

**جواب:** جائز آهي، پر اَدب اهو ئي آهي مٿو اگهاڙو نہ هجي. مستحب هي آهي تہ تلاوتِ قرآن مجيد جي لاءِ عمامو پائڻ، عمده لباس پائي، خوشبو لڳائي ۽ ڪعبي شريف ڏانهن چهرو ڪري بہ

---

[1] اهڙي طرح جي احاديث مبارڪ ۾ عبادتن جو ثواب مراد هوندو آهي نہ وري اصل عبادت جيئن تہ حديث شريف ۾ آهي: جيڪو مغرب کان بعد ڇهہ رڪعتون پڙهي جن جي وچ ۾ ڪا بُري ڳالهہ نہ ڪري تہ هي 12 ورهين جي عبادت جي برابر آهي.( ترمذی، 439/1، حدیث:435) هن حديث پاڪ جي حوالي سان حڪيم الأمت حضرت مفتي احمديارخان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: خيال رهي تہ انهن جهڙين حديثن مان فضيلتن ۾ عبادت جو ثواب مراد هوندو آهي نہ وري اصلِ عبادت، لهٰذا هن جو اهو مطلب نہ آهي تہ هڪ ڀيرو آوابين جي نماز پڙهي 12 سال تائين نماز کان بي پرواهہ ٿي وڃو. (مرأة المنا جيح،226/2) اهڙي طرح هڪ بي حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪو الله پاڪ جي لاءِ صبح ۽ شام سؤ سؤ ڀيرا سُبۡحٰنَ الله پڙهندو تہ اهو 100 حج ڪرڻ واري جيان آهي. ( ترمذی،288/5، حدیث : 3482) هاڻي هن حديث پاڪ جو هي مطلب نہ آحي تہ صبح ۽ شام سو سو ڀيرا هي تسبيح پڙهي ڇڏيون ۽ حج ڪرڻ ڇڏي ڏيون جيئن تہ هن حديث پاڪ جي شرح بيان ڪندي مفتي صاحب فرمائن ٿا: خيال رهي تہ حج جو ثواب ملڻ ٻي ڳالهہ آهي، حج جي ادائيگي ڪجهہ ٻي آهي، هتي ثواب جو بيان آهي، حج جي ادائيگي جو نہ، جيئن طبيب صاحب چوندا آهن تہ ”هڪ گرم ڪيل منقہ (يعني هڪ قسم جي وڏي ڪشمش) ۾ هڪ ماني جيتري طاقت آهي“ پر پيٽ ماني ئي سان ڀرجندو آهي، ڪو شخص بہ وقت ٿي ٿي منقہ کائي ڪري زندگي نٿو گذاري سگهي. واقعي هن تسبيح (يعني سُبۡحٰنَ الله صبح و شام پڙهڻ) ۾ ايترو ئي ثواب آهي پر حج ادا ڪرڻ کان بعد ملندو. (مرأة المنا جيح،346/3)

[2] ملفوظاتِ اميرِ اهلِ سنّت ، 362/3

زانو ويهي.[1] جيترو ادب سان ويهي تلاوت ڪندو اوترين وڌيڪ عبادتون ماڻيندو.[2]

**سوال:** تجويد جي اهميت ۽ قرآن ڪريم غلط مخارج سان پڙهڻ جي سبب ٿيڻ وارين غلطين جا ڪجهه مثال بيان فرمايو؟

**جواب:** ايتري تجويد سيني کي اچڻ گهرجي جنهن سان نماز جي صحيح ادائيگي ٿي سگهي، هي ضروري آهي.[3] ياد رکو! نماز ۾ جيترو قرآنِ پاڪ پڙهڻ ۽ واجب آهي اوتروئي ياد هجڻ ضروري آهي.[4] عام طور تي رمضان شريف ۾ ماڻهن ۾ اهڙُو جذبو هوندو آهي جو هُو پوري قرآن ڪريم جي تلاوت ڪري وٺندا آهن، ڪجهه خوش نصيب تہ مَاشاءالله هڪ کان وڌيڪ قرآن ڪريم ختم ڪندا آهن. پر انهن کي گهرجي تہ ڪنهن قاري صاحب کي پنهنجو قرآن پاڪ ٻڌائن ۽ ان کان راهنمائي حاصل ڪن تہ هُو صحيح پڙهن ٿا يا نہ؟ الله نہ ڪري جيڪڏهن صحيح پڙهڻ نہ ايندو هوندو تہ هڪ ڀيري سورت فاتحہ صحيح پڙهڻ 100 ڀيرا (ايئن) قرآنِ پاڪ ختم ڪرڻ کان افضل ٿيندو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوت اسلامي جي تحت ”مدرسة المدينہ آن لائن“ سروس موجود آهي جنهن جي ذريعي قرآن ڪريم بہ پڙهڻ سيکاريو ويندو آهي، نماز بہ سيکاري ويندي آهي ۽ ٻيا ڪيئي ڪورسز هن شعبي تحت ڪرايا ويندا آهن، هي تمام ڪورس گهر ويٺي بہ ڪري سگهجن ٿا، لهٰذا ”مدرسة المدينہ آن لائن“ سروس

---

[1] بہار شريعت، 550/1،حصّہ:3ماخوذاً
[2] ملفوظاتِ اميرِ اہلِ سنّت ، 116/4
[3] فتاویٰ رضویہ،343/3 ماخوذاً
[4] درمختارمع رد المحتار، 315/2

جي ذريعي گهر ويٺي پنهنجو قرآن پاڪ پڙهڻ صحيح ڪريو. بهرحال قرآن ڪريم غلط پڙهڻ جي حوالي سان مون ڪجھ الفاظ لکيا هئا انهن مان ڪجھ الفاظ عرض ڪرڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو جن کي غلط پڙهڻ سان انهن جون معنائون مَنجي وڃن ٿيون.

## قرآن ڪريم غلط پڙهڻ جا ڪجھ مثال

(1) هڪ حرف کي ٻي حرف کان بدلڻ سان معني بدلجي ويندي آهي، مثلاً ڪيئي اهڙا ماڻهو آهن جن کي "اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ" ۾ لفظ "حمد" جي "حاء" کي حلق مان ڪڍڻ ناهي ايندو، تنهنڪري هُو "اَلھَمْدُ" پڙهندا آهن. "اَلْھَمْدُ" ۽ "اَلْحَمْدُلله" ۾ ڇا فرق آهي ملاحظ فرمايو: حمد جي معنيٰ آهي "خُوبي، تعريف" جيڪڏهن "اَلْحَمْدُلله" جي جڳهه "الھمدُ" پڙهيو وڃي ته ان جي معنيٰ بڻجندي اها ٻڌائڻ جي همت ناهي پر "همد" جي معنيٰ عرض ڪيان ٿو: "همد" جي معنيٰ آهي: باھ جو نارمل ٿيڻ، هلڪو ٿيڻ، (2) "قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ ۚ﴿۱﴾" (پ 30، الاخلا ص:1) ترجموڪنزالايمان: تون فرماءِ اهو الله آهي اهو هڪ آهي. "قُل" ۾ ٽٻڪن واري قاف سان ايندو آهي جڏهن ٻيو بغير ٽٻڪن واري ڪاف سان ايندو آهي يعني "كُلْ". "قُل" جي معنيٰ آهي "چئي ڇڏيو، فرمائي ڇڏيو" جڏهن بغير ٽٻڪن واري ڪاف سان "كُلْ" جي معنيٰ آهي "ڪاءُ" ٿورو سوچيو! ٻنهي ۾ ڪيترو فرق آهي. (3) "قَالُوْا" جي معنيٰ آهي "انهن چيو" جڏهن ته بغير ٽٻڪن سان "كَالُوْا" پڙهيو وڃي ته معنيٰ ٿيندي: انهن ماپيو، انهن پيمائش ڪئي. (4) الله پاڪ جي هڪ صفت عليم آهي، جيڪڏهن هن لفظ کي "عين" سان پڙهو ته معني

تيندي”ڄاڻڻ وارو“ قرآن شريف ۾ آهي:”اِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿۴۳﴾“ (پ 10، الانفال:43)
ترجموڪنزالايمان: بيشڪ اهو دلين جي ڳالهه ڄاڻي ٿو،
جڏهن ته ”الف“ سان ”اَلِيْمٌ“ پڙهيو وڃي ته معني
تيندي”دردناڪ“ تورو سوچيو! ٻنهي ۾ ڪيترو فرق آهي! پر اسان
وٽ گهڻو ڪري ماڻهو تلاوت ڪندي وقت ان لفظ کي”الف“ سان
”اَلِيْم“ پڙهندا هوندا، خاص ڪري ميمڻ ۽ گجراتي قوم
۾ ”عين“ ۽، ”الف“، ”حاء“ ۽ ”باء“ ۾ ايترو فرق ناهي ڪيو ويندو
لهٰذا اهڙا ماڻهون جيستائين ڪنهن سني قاري صاحب کان نه
پڙهندا ان وقت تائين ڪين درست قرآن ڪريم پڙهڻ نه ايندو.
پنهنجا مخارج صحيح ڪرڻ جي لاءِ مدرسة المدينه ۾ داخلا وٺو، اِنْ
شَآءَاللّٰه! مخارج صحيح ٿي ويندا. (5) ”عَلَم“ ”عين“ سان پڙهنداسين
ته معنيٰ تيندي ”جهنڊو يا پرچم“ الف سان ”اَلَم“ پڙهنداسين ته معنيٰ
تيندي ”غم“ (6) ”عَمل“ کي ”عين“ سان پڙهنداسين ته معني
تيندي ”ڪم“ جيڪڏهن ”الف“ سان ”اَمَلْ“ پڙهنداسين ته معنيٰ
تيندي ”اُميد“ (7) سورت ڪوثر ۾ آهي: (وَ انْحَرْ ﴿۲﴾) (پ 30، الڪوثر: 2)
ترجموڪنزالايمان: ۽ قرباني ڪيو. جيڪڏهن هن
کي”ها“ سان ”وانْهَرْ“ پڙهنداسين ته معنيٰ تيندي ”ڇڙٻ“ يا اڇا
ڇڙٻ“ تورو سوچيو! ٻنهي ۾ ڪيترو فرق آهي. بهرحال قرآنِ
ڪريم صحيح سکڻ لازمي آهي، لهٰذا اسلامي ڀائر هجن يا اسلامي
ڀينرون سيني قرآن ڪريم صحيح سکڻ گهرجي، خاص ڪري وڏي
عمر وارين کي جوته انهن ويچارين ۾ مخارج درستگي جي حوالي
سان ڪجهه وڏيڪ ئي مسئلا هوندا آهن، جيڪڏهن 100 سال جي
پوڙهي عورت آهي ۽ ان کي صحيح قرآن پڙهڻ نٿو اچي ته ان کي

بہ صحيح قرآن پاڪ سکڻ گھرجي ۽ سکڻ جي ڪوشش ڪندي رهي تہ اِنْ شَآءَاللّٰہ ثواب ملندو رهندو.[1]

**سوال:** تلاوت جي دوران جيڪڏهن سجده تلاوت اچي وڃي تہ ڇا اُتي رُڪي سجدو ڪرڻ گھرجي؟ ڪجھ ماڻھو تلاوت ختم ڪرڻ کان بعد سجدو ڪندا آهن، ايئن ڪرڻ ڪيئن؟

**جواب:** جيڪڏهن ڪا رڪاوٽ نہ هجي تہ انهي وقت سجدو ڪرڻ بهتر آهي. البتہ بعد ۾ ڪيو تڏهن بہ گناهہ ناهي. جڏهن سجدو واجب ٿي ويو تہ اهو واجب ادا ڪرڻ ئي آهي.

(اميراهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي پرسان وينل مفتي صاحب فرمايو:) جيڪڏهن ماڻھو باوضو آهي تہ انهي وقت سجده تلاوت ڪرڻ بهتر آهي ۽ بلاضرورت دير ڪرڻ مڪروه آهي.[2]

**سوال:** سورت يٰس کي وظيفي طور تي پڙهڻ جو منهنجو فلاڻو ڪم ٿي وڃي، ڇا هي جائز آهي؟

**جواب:** سورت يٰس شريف وظيفي طور يا ڪنهن حاجت جي لاءِ پڙهڻ جائز آهي، حاجت ناجائز هجي تہ پوءِ الڳ ڳالھ آهي، جائز حاجت جي لاءِ پڙهڻ ۾ ڪو حرج ناهي. وظيفو ڪرڻو آهي تہ ان جي ڪو خاص تعداد هوندو ۽ اهڙا ڪم ڪنهن جي راهنمائي ۾ ڪيا وڃن، الڳ سان ڪرڻ ۾ رسڪ هوندو آهي تہ ڌڪ نہ لڳي وڃي. پهريان تہ يٰس شريف ڪنهن قاري صاحب کي ٻڌايو تہ صحيح پڙهي بہ سگھو ٿا يا نہ؟ صحيح پڙهي سگھو ٿا تہ ڪنهن صاحب اجازت جي صحبت ۾ ويهي ڪري ان جي راهنمائي ۾ ان جو وِرد

---

[1] ملفوظات امير اہلِ سنت، 278/6

[2] در مختار، 703/2: ملفوظات امير اہلِ سنت، 265/5

ڪيو وڃي، عام طور تي راهنما گهٽ ئي ملندا آهن. منهنجو مشورو تہ هي آهي تہ مصيبتن کان بچڻ جي لاءِ بيا بہ اوراد ۽ وظيفا آهن انهن جو ورد ڪيو ۽ ”صلوٰت الحاجات“ پڙهو چوتہ وظيفن جا ڏڪ ڪاڏل مون ڏٺا آهن، بعض اوقات اهڙا ڏڪ لڳندا آهن جنهن جو صحيح تيڻ مشڪل هوندو آهي، علاج اثر ناهي ڪندو، دماغ فيل ٿي ويندو آهي، پوءِ اهي پٿر هٽندا ۽ گاريون ڏيندا وتن، اهڙن کي سنڀالڻ جي لاءِ گهر ۾ زنجيرن سان ٻڌڻ ۽ نہ جاڻ چاچا ڪرٽو پوندو آهي، ايئن سڄو خاندان ان ڪري تباهہ ٿي ويندو آهي لهٰذا ڪنهن جي رهنمائي جي بغير اهڙي طرح جا وظيفا نہ ڪيا وڃن. جيڪڏهن اوهان ڪنهن جامع شرائط پير صاحب جا مريد آهيو، جنهن جي شريعت جي مطابق پوري ڏاڙهي آهي ۽ اهو عالم دين آهي تہ ان جي ”شجري“ ۾ ڏنل مختصر اوراد و وظائف پڙهو. منهنجو مشورو اهوئي آهي تہ هر درد جي دوا آهي صَلّ عَلٰي مُحمَّد، درود شريف جي ڪثرت تمام وڏو وظيفو آهي ، ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَالله سيئي مسئلا حل ٿي ويندا.[1]

**سوال:** چا گهر ۾ رڪارڊ تيل تلاوتِ قرآن لڳائي ڪم ڪار ڪري سگهون ٿا؟


**جواب:** رڪارڊ ٿيل تلاوتِ قرآن پاڪ ٻڌڻ جا اهي آداب نہ آهن جيڪي براهِ راست (يعني بغير رڪارڊ واري) تلاوت ٻڌڻ جا آهن، پر پوءِ بہ رڪارڊ ٿيل تلاوت ۾ بہ قرآن ڪريم ئي پڙهيو ويندو آهي لهٰذا جيڪڏهن ڪو ٻڌڻ وارو نہ هجي تہ ان کي بند ڪيو

[1] ملفوظات امير اہلِ سنت، 331/5

وجي. ايئن ئي رڪارڊ ٿيل نعت شريف بہ هلائي ويندي آهي اها بہ جيڪڏهن ڪو ٻڌڻ وارو نہ آهي تہ بند ڪئي وجي.[1]

[1] ملفوظات امير اہلِ سنت، 93/6

## ايندڙ هفتي جو رسالو




عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net